SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريہ1979

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1979

سنڌ جوا روڪڻ(ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH PREVENTION OF GAMBLING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

(Short title and commencement)

2. سنڌ آرڊيننس V مجريہ 1978 ۾ دفعہ A _ 5 کا جواضافو.

Insertion of Section 5_A in Sindh Ordinance V Of 19780 of Act

سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه1979

SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1979

سنڌ جوا روڪٿام(ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH PREVENTION OF GAMBLING (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[20 آگسٽ 1979]

هڪ آرڊيننس، جنهن ۾ سنڌ جوا روڪٿام آرڊيننس، 1978 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ جوا روڪٿام آرڊيننس، 1978 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

دفعات

ان ڪري 5 جولائي 1977 جي حڪم براءِ (قانون لاڳو ٿيڻ جي تسلسل) جي حڪم 1977 جي تعميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هي آرڊيننس ٺاهي نافذ ڪرڻ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات (Short title and commencement)

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جوا روڪٿام (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس V مجريه 1978 جي دفعه 5 A_ کا جو اضافو.

Insertion of Section 5_A in Sindh Ordinance V Of 19780 of Act

2. سنڌ آرڊيننس 1978 جوا جي روڪٿام ۾ دفعه 5 کانپوءِ هيٺين ذيل دفعه کي شامل ڪيو ويندو.

"5_A هڪ پوليس آفيسر جنهن جي رينڪ انسپيڪٽر کان گهٽ نه هوندي، ان کي اختيار هوندو:

(a) دفعه 5 جي تحت ڏوهه ڪرڻ واري کي بنا وارنٽ تحت گرفتار ڪرڻ.

(b) دفعه 5 جي تحت ڪنهن مجرم جي تلاشي وٺڻ ۽ ان ڏوهه ۾

استعمال ٿيڻ وارين شين کي تحويل ۾ وٺڻ.

(c) جوا کيڏڻ ۾ ڪم ايندڙ رقم، ضمانتون، راند ۾ استعمال ٿيندڙ شيون، جن لاءِ سمجهيو ويندو تہ هي دفعہ 5 جي تحت ٿيندڙ ڏوهہ ۾ ڪم اچي سگهن ٿيون، اهي سڀ ضبط ڪرڻ.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.